ستن زبانن (عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Islamic Family Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينہ (سنڌي)

فيبروري 2025/ شعبان المعظم 1446ھ





# دارُالافتاء اهلِ سنّت

## مفتي فضيل رضا عطاري

(1) عقيقي جي ٻڪري جي پيٽ مان ٻچو(ڦر) نڪتو تہ عقيقو ٿيندو يا نہ؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ مون ڪي پنهنجي ڌيءَ جو عقيقو ڪرڻو هو تہ مان ڪالهہ منڊي مان هڪ ٻڪري وٺي آيس، ان کي ذبح ڪرڻ کان بعد معلوم ٿيو تہ اها حاملہ(پيٽ سان) هئي ۽ ان جي پيٽ مان مئل ٻچو نڪتو. معلوم اهو ڪرڻو آهي تہ ان صورت ۾ منهنجي ڌيءَ جو عقيقو ٿي ويو يا نہ.؟ پڻ پيٽ مان جيڪو مئل ٻچو نڪتو اهو حلال آهي يا حرام؟ ان جي بہ وضاحت ڪريو.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

معلوم ڪيل صورت ۾ اوهان جي ڌيءَ جو عقيقو ٿي ويو ڇو تہ عقيقو صحيح هجڻ لاءِ جانور جو حاملہ نہ هجڻ شرط ناهي بلڪ ان جي لاءِ انهيءَ تمام شرطن جو لحاظ ضروري آهي تہ جيڪي قرباني جي جانور ۾ آهن ۽ حاملہ جانور جي قرباني جائز آهي البت حاملہ هئڻ معلوم هجي تہ بهتر اهو آهي تہ ان کان علاوه ٻيو جانور قربان ڪيو وڃي تہ اها ئي تفصيل عقيقي ۾ جاري ٿيندي.

پڻ جانور ذبح ڪرڻ سان پيٽ ۾ موجود ٻچو حلال ناهي ٿي ويندو بلڪ زنده پيدا ٿيڻ جي صورت ۾ ان کي الڳ سان ذبح ڪرڻو پوندو ۽ جيڪڏهن مئل پيدا ٿيو تہ اهو مُردار آهي، پڇيل صورت ۾ بہ ڇو تہ ٻچو مئل پيدا ٿيو تنهنڪري اهو مردار آهي ان کي کائڻ حلال ناهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

| مجيب | مصدق |
|---|---|
| مولانا ذاكر حسين عطاری مدنی | مفتی فضیل رضا عطاری |

(2) ڏهہ در ڏهہ کان گهٽ پاڻيءَ ۾ بي وضو شخص جو هٿ پوڻ سان پاڻي جو حڪم.

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ اسان وٽ گذريل ڏينهن ۾ تمام گهڻي برسات پئي تہ اسان گهر ۾ موجود خالي ڊرم کي برسات جي پاڻي سان ڀري ڇڏيو تہ ان کي وضو وغيره لاءِ استعمال ڪنداسين ۽ پوءِ اسان ان کي استعمال ڪندا بہ رهياسين. هڪ ڏينهن جڏهن مان فجر جي نماز کان

بعد گهر آيس تہ گهرواريءَ پڇيو تہ اوهان وضو ڪهڙي پاڻي مان ڪيو؟ مون چيو ڊرم جي پاڻي مان تہ ان ٻڌايو تہ رات جو مون غلطي سان بي وضو هٿ هن ۾ ڌوتا هئا، اوهان ستا پيا هئا تہ ان وقت مون ٻڌائڻ مناسب نہ سمجهيو، اهو ذهن هو تہ جڏهن اوهان فجر ۾ اٿندا تہ ٻڌائي ڇڏيندس. ان صورت ۾ منهنجي فجر جي نماز ٿي يا نہ؟

نوٽ: ڊرم ڏهہ در ڏهہ کان ننڍو آهي ۽ گهرواري جيتوڻيڪ عام عورتن جيان شرعي معاملن ۾ ڪوتاهي ڪري ويندي آهي پر ان جي هن ڳالهہ تي منهنجو بہ غالب گمان اهو آهي تہ اها درست چئي رهي آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جيڪڏهن ڏهہ در ڏهہ کان گهٽ پاڻيءَ ۾ بي وضو شخص جو اڻ ڌوتل هٿ پئجي وڃي تہ اهو پاڻي مستعمل ٿي ويندو آهي ۽ استعمال ٿيل پاڻي صحيح مذهب موجب پاڻ توڙي جو پاڪ آهي پر ان ۾ نجاستِ حڪميہ دور ڪرڻ جي صلاحيت ناهي هوندي، تنهنڪري ان مان وضو ۽ غسل ناهي ٿيندو. پڻ اهو پاڻي وضو ۽ غسل جي قابل آهي يا نہ؟ ان خبر جو تعلق ديني امور کان آهي ۽ ان ۾ هڪ عادل شخص جي خبر معتبر هوندي آهي جيتوڻيڪ عورت هجي جيڪڏهن خبر ڏيڻ وارو فاسق يا مستورالحال هجي يعني عادل آهي يا نہ، ان جو علم نہ هجي تہ ان صورت ۾ ان جي ڳالهہ تي تحري ڪرڻ جو حڪم آهي، جيڪڏهن دل هن ڳالهہ تي مطمئن ٿئي تہ اهو صحيح چئي رهيو آهي تہ ان جي ڳالهہ تي عمل ڪيو ويندو.

ان جي تفصيل جي مطابق پڇيل صورت ۾ بہ ڇو تہ اوهان جو غالب گمان اهو آهي تہ اها صحيح چئي رهي آهي تہ ان جي خبر معتبر آهي ۽ اوهان نماز ٻيهر پڙهندؤ ڇو تہ ان خبر جي مطابق اوهان جيڪو وضو ڪيو اهو مستعمل پاڻي سان ڪيو ۽ مستعمل پاڻي سان وضو ناهي ٿيندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلى الله عليه واله وسلم

| مجیب | مصدق |
|---|---|
| مولانا ذاکر حسین عطاری مدنی | مفتی فضیل رضا عطاری |

(3) جيڪڏهن قعدهء آخيره ۾ تشهد کان بعد نمازي ويسر ۾ اٿي بيٺو تہ؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ قعدهء اخيره ۾ تشهد پڙهڻ کان بعد جيڪڏهن ڪو نمازي ويسر ۾ اٿي بيٺو ۽ پنجين رڪعت جي سجدي کان اڳ ياد اچڻ تي ويهي رهيو تہ پڇڻو اهو آهي تہ ان کي سجدو سهو ڪرڻ واجب آهي يا نہ؟ ۽ جيڪڏهن سجدو سهو ڪرڻو پيو تہ ان کان پهريان تشهد بہ ٻيهر پڙهڻو پوندو يا نہ؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

قعدهٔ أخيره ۾ ويسر ۾ اٿي ويهڻ جي صورت ۾ ياد اچڻ تي جڏهن واپس آيو ته سلام ۾ دير ٿيڻ سبب سجدو سهو واجب آهي. البت اٿي ويهڻ سان تشهد باطل ناهي ٿيندو جو ان کي ٻيهر پڙهڻ ضروري هجي، تنهنڪري قعدي ۾ ويهڻ سان ئي هڪ طرف سلام ڦيري سجدي ۾ هليو وڃي ٻيهر تشهد نه پڙهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

| مجيب | مصدق |
|---|---|
| مولانا محمد سرفراز اختر عطاری | مفتی فضیل رضا عطاری |

(4) رڪوع ۽ سجدي جي تسبيح فقط هڪ هڪ ڀيرو پڙهي ته نماز جو حڪم

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته مون کي هڪ ڪم سان ڪاٿي وڃڻو هو، وقت گهٽ هو ۽ گاڏي نڪري وڃڻ جو ڊپ هو، ته نماز ادا ڪندي رڪوع ۽ سجدي ۾ ٽي ڀيرا تسبيح پڙهڻ جي بدران هڪ هڪ ڀيرو پڙهي، ڇا ان صورت ۾ منهنجي نماز ادا ٿي وئي؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

رڪوع ۽ سجدي ۾ ٽي ڀيرا تسبيح پڙهڻ سنت آهي بغير ضرورت جي ٽن ڀيرن کان گهٽ تسبيح پڙهڻ يا بلڪل نه پڙهڻ، مڪروهِ تنزيهي آهي، اهڙي صورت ۾ نماز جو ٻيهر پڙهڻ مستحب يعني بهتر هوندو آهي، البت ڪنهن عذر مثال طور وقت گهٽ هئڻ يا گاڏي هليو وڃڻ جي خوف سان ٽن ڀيرن کان گهٽ تسبيح پڙهي، ته مڪروهِ تنزيهي به ناهي، تنهنڪري پڇيل صورت ۾ اوهان جي نماز بغير ڪراهت جي ادا ٿي وئي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

| مجيب | مصدق |
|---|---|



# واپار جا احڪام

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري

## آرڊر تي مال تيار ڪرائڻ کان بعد وٺڻ کان انڪار ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ منهنجو فرنيچر ٺاهي ڏيڻ جو ڪم آهي، گراهڪ تصوير يا وڊيوز جي ذريعي ڪو فرنيچر پسند ڪندا آهن ۽ ان ڪي ٺاهڻ جو آرڊر ڏيندا آهن. آرڊر ڏيڻ وقت ڪي ضروري شيون طئي ڪيون ويندون آهن، جيئن تہ ڪهڙي ڪاٺ مان ٺاهيو آهي، پالش يا ڊيڪو وغيره جو رنگ ۽ ڊزائن ڪهڙي هوندي، جيڪڏهن شيٽ مان ٺاهيو آهي تہ شيٽ ۽ ان جو رنگ طئي ڪيو ويندو آهي، اهڙيءَ طرح سائز ۽ ٻيون ضروري شيون بہ طئي ڪيون وينديون آهن. اهي سڀ شيون گراهڪ جي مرضي مطابق رکيون وينديون آهن، فرنيچر تيار ٿيڻ کان بعد ڪجهہ گراهڪ وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندا آهن ۽ سبب هي ڄاڻائيندا آهن تہ اسان کي پسند نٿو اچي. اهڙي صورت ۾ انهن کي آرڊر تيار ٿي وڃڻ کان پوءِ نہ وٺڻ جو حق آهي يا نہ؟

واضح رهي تہ هي فرنيچر گراهڪ جي مرضيءَ مطابق تيار ٿيو هو، جيڪڏهن گراهڪ اهو نہ کڻي تہ ان ۾ اسان جو ڪافي نقصان ٿيندو آهي.

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** گراهڪ جو آرڊر ڏئي فرنيچر تيار ڪرائڻ بيع استصناع آهي، هن ۾ مصنوع (يعني ٺهرائي ويندڙ شيءِ) جي جنس، قسم، وصف وغيره کي اهڙيءَ طرح بيان ڪرڻ ضروري آهي، جنهن سان واضح طور تي ان مصنوع (ٺهرائي ويندڙ شيءِ) جي سڃاڻپ حاصل ٿي وڃي. لهٰذا جڏهن فرنيچر ٺاهڻ جو آرڊر ڏيڻ وقت اهو طئي ڪيو ويو تہ ان ۾ ڪهڙي قسم جو ڪاٺ لڳندو، ڪهڙي سائز جو هوندو، ڪهڙي ڊزائن ٺهندي ۽ ٻيون شيون، جيڪي فريقين لاءِ اختلاف جو سبب بڻجي سگهن ٿيون، انهن کي واضح طور تي بيان ڪيو ويو آهي تہ پوءِ اهو عقدِ استصناع صحيح ۽ درست آهي.

هاڻي جيڪڏهن صانع (آرڊر تي شيءِ تيار ڪري ڏيڻ وارو) گراهڪ جي بيان ڪيل وصفن ۽ هدايتن موجب فرنيچر تيار ڪيو آهي، تہ پوءِ گراهڪ تي ان کي وٺڻ لازم آهي ۽ کيس انڪار ڪرڻ جو شرعي حق حاصل نہ آهي، موجوده وقت ۾ ان ئي قول

قول تي فتوىٰ آهي. ها، جيڪڏهن ايگريمينٽ وقت بيان ڪيل هدايتن موجب مصنوع (ٺهرائي ويندڙ شيءِ) تيار نہ ڪئي آهي تہ پوءِ گراهڪ کي وٺڻ يا نہ وٺڻ جو اختيار حاصل آهي، جنهن کي فقهي اصطلاح ۾ **خيارِ وصف** چيو ويندو آهي.

هن مسئلي جي تفصيل هيئن آهي تہ صانع (آرڊر تي شيءِ تيار ڪري ڏيڻ واري) شيءِ جيتوڻيڪ مستصنع (آرڊر تي شيءِ بنرائڻ واري) جي بيان ڪيل وصفن مطابق تيار ڪئي آهي، پوءِ بہ امامِ اعظم ابو حنيفہ ۽ امام محمد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِمَا جي مطابق شيءِ کي ڏسڻ کان بعد مستصنع (آرڊر تي شيءِ ٺهرائڻ واري) کي ان کي وٺڻ يا نہ وٺڻ جو اختيار حاصل آهي، جنهن کي فقهي اصطلاح ۾ **خيارِ رويت** چوندا آهن. جڏهن تہ امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نظر ۾ مستصنع (آرڊر ڏيڻ واري) کي هي اختيار حاصل نہ هوندو[1]، بلڪ ان تي ان شيءِ کي وٺڻ لازم هوندو. موجوده دور بلڪ ان کان اڳين زماني جي ڪيترن ئي فقهاءِ ڪرام امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي قول کي اختيار فرمايو آهي، ڇو تہ آرڊر تي جيڪا شيءِ تيار ڪئي ويندي آهي، اها گراهڪ جي بيان ڪيل وصفن جي مطابق تيار ڪئي ويندي آهي ۽ تمام وڏي رقم ان تي لڳائي ويندي آهي. خريدار جي انڪار ڪرڻ تي يا تہ اهو سامان ڪنهن ٻئي هنڌ وڪرو نہ ٿيندو يا دير سان وڪرو ٿيندو، جنهن ۾ صانع (آرڊر تي شيءِ تيار ڪرڻ واري) جو وڏو نقصان آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّی اللّٰه علیه واٰلہٖ وسلَّم

## اسڪالرشپ جي مَد ۾ ملڻ واري رقم وٺڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ ڇا تعليمي ادارن جي طرفان اسڪالرشپ جي مَد ۾ ملندڙ رقم وٺڻ جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** في نفسهٖ اسڪالرشپ جي مَد ۾ ملڻ واري رقم وٺڻ ۾ شرعاً ڪو حرج ناهي. اسڪالرشپ ڏيڻ واري اداري جي معيار *(Criteria)* مطابق جيڪو ان اسڪالرشپ جو حقدار آهي اهو اها رقم وٺي سگهي ٿو. ڏيڻ واري جي طرفان اهڙي رقم بطورِ هبہ (يعني تحفي طور) ڏني ويندي آهي ۽ بعض صورتن ۾ مباح ڪئي ويندي آهي.

البتہ اسڪالرشپ جيڪڏهن زڪوات جي رقم مان ڏني پئي وڃي تہ پوءِ ان جي وٺڻ، ڏيڻ ۽ مستحق هئڻ جا الڳ تفصيلي مسئلا آهن.

هِبہ (تحفو) ڇا کي چيو ويندو آهي ان بابت مجلة الاحڪام العدليه ۾ آهي تہ ”الهبة هی تمليك

1 (تحفة الفقہاء، جلد2، صفحہ 363، دار الکتب العلميہ بيروت)

مال الآخر بلا عوض" يعني ڪنهن شخص کي بغير ڪنهن عيوض جي مال جو مالڪ بڻائي ڇڏڻ هِبہ (تحفو) آهي. (مجلة الاحکام العدليہ ،صفحہ 161،مطبوعہ کراچی )

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیه واٰلہٖ وسلَّم

## سيلز مين جو اضافي رقم پاڻ وٽ رکڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتي ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته دڪان جي مالڪ پنهنجي سيلزمين کي چيو ته هيءَ شيءِ اسان کي **150** رپين ۾ پئي آهي، تون ان کي **160** رپين ۾ وڪرو ڪري ڇڏجان. سيلزمين دڪاندار جي غير موجودگي ۾ اهو آئٽم **180** رپين ۾ وڪرو ڪيو ۽ **160** رپيا آمدني ۾ رکيا، جڏهن ته اضافي **20** رپيا پاڻ وٽ رکي ڇڏيائين، ڇا اهڙي صورت ۾ سيلزمين جو اضافي رقم پاڻ وٽ رکڻ درست آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** دڪان تي ڪم ڪندڙ سيلزمين مالڪ جي طرفان سامان وڪرو ڪرڻ جو وڪيل هوندو آهي ۽ وڪيل جيڪڏهن مؤڪل (مالڪ) جي مقرر ڪيل قيمت کان وڌيڪ ۾ شيءِ وڪرو ڪري، ته ان واڌو رقم جو مالڪ مؤڪل هوندو نہ کي وڪيل.

تنهنڪري پڇا ڪيل صورت ۾، جڏهن سيلزمين مالڪ جي مقرر ڪيل ريٽ کان وڌيڪ ۾ شيءِ وڪرو ڪئي ته پوءِ اها سموري رقم مالڪ جي ملڪيت هوندي سيلزمين جو اضافي رقم پاڻ وٽ رکڻ جائز نہ آهي.

مجمع الضمانات ۾ آهي: "لو وكله ببيع عبده بألف فباعه بألفين فالألفان كله للموكل" يعني: جيڪڏهن مالڪ ڪنهن کي پنهنجو غلام هڪ هزار رپين ۾ وڪرو ڪرڻ جو وڪيل بڻايو ۽ وڪيل ان کي ٻہ هزار رپين ۾ وڪرو ڪري ڇڏيو تہ اهي مڪمل ٻہ هزار رپيا مؤڪل (مالڪ) جا ٿيندا. (مجمع الضمانات، جلد 01، صفحو 261، مطبوعه دارالکتاب الاسلامي)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیه واٰلہٖ وسلَّم



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

### (1) زخمي يا بيمار جانور لاءِ دعا ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: جيڪڏهن ڪو جانور زخمي يا بيمار ٿي پوي تہ ڇا ان لاءِ دعا ڪري سگهجي ٿي؟

جواب: جي ها! بلڪل دعا ڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن ڪنهن ڪُڪڙِ پالي رکي آهي ۽ ان مان آنا حاصل ڪندو آهي، ائين ئي جيڪڏهن ڪنهن ٻڪري پالي رکي آهي ۽ ان جو کير استعمال ڪندو آهي پر بعد ۾ ڪجھ ائين ٿيو جو ڪُڪڙِ آنا ڏيڻ ڇڏي ڏنا يا ٻڪريءَ کير ڏيڻ ڇڏي ڏنو. تہ الله پاڪ سان دعا گهري سگهجي ٿي تہ”يا الله! هن جانور کي ٻيهر نفعي وارو بڻائي ڇڏ “ اهڙي طرح جيڪڏهن قرباني جو جانور ورتو ۽ اهو بيمار ٿي پيو، مالڪ بہ پريشان آهي تہ قرباني جا ڏينهن ويجهو آهن ۽ هي بيمار ٿي پيو آهي تہ هاڻي ڇا ڪريان؟ ان لاءِ بہ دعا گهري سگهجي ٿي تہ ”يا الله! هن جانور کي شفا ڏي تہ جيئن مان ان کي تنهنجي راهہ ۾ قربان ڪريان.“ بهرحال جانورن جي شفا لاءِ دعا ڪري سگهجي ٿي.

(مدني مذاڪره، 9ربيع الاول شريف 1442ھ)

### (2) ڇا وار رت چوسيندا آهن؟

سوال: مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار سنت مطابق رکڻ گهرجن پر ڪجھ ماڻهو چوندا آهن تہ وار رت چوسيندا آهن انهن کي ڪهڙو جواب ڏنو وڃي.

جواب: ڏاڙهي بہ لازمي رکڻي آهي توڙي جو وار رت چوسيندا هجن، جيڪڏهن ڏٺو وڃي تہ سڄي بدن تي وار موجود آهن اهي بہ رت چوسيندا آهن، انهن کي انهن جي خوراڪ الله پاڪ ڏئي رهيو آهي جيئن الله پاڪ بدن کي بدن جي غذا ڏئي رهيو آهي. انساني بدن جا وار ڪيترو انساني رت چوسيندا؟ جيترو چوسيندا آهن ان کان وڌيڪ بڻجندو بہ تہ آهي. الله پاڪ سڀ شين جي غذا مقرر ڪئي آهي، اسان واتان ٿُڪندا آهيون، نڪ مان بہ ڪجھ نہ ڪجھ نڪرندو آهي، اک مان بہ ڳوڙها نڪرندا آهن، اسان پاڻي پيئندا آهيون تڏهن هي سڀ ڪجھ بڻجندو آهي. جيڪڏهن ڪو هي چوي تہ منهنجي جسم مان پاڻي ٻاهر نہ نڪرڻ گهرجي تہ ڇا ان کي عقلمند چونداسين؟ پوءِ اهڙو ماڻهو پنهنجي جسم مان نڪرندڙ پگهر کي ڪيئن روڪيندو؟ ان کان علاوه ٿُڪڻ ڪيئن بند ڪندو؟ نڪ جو ڇا ڪندو؟ ڪڏهن ڪڏهن انساني جسم مان پاڻي نڪرڻ تمام گهڻو فائديمند هوندو آهي. وارن جا بہ گهڻا فائدا آهن، وارن جي ذريعي الله پاڪ انسان کي خوبصورتي ڏني آهي ۽ هن سان انساني

حسن آهي. ٿورو سوچيو ته جيڪڏهن پرون، پنبڻ ۽ سڄي جسم جا وار لهي وڃن ته انسان ڪيترو عجيب لڳندو تنهنڪري اهڙي قسم جي وسوسن کي پالڻ نه گهرجي. (مدني مذاڪره، 1ربيع الآخر شريف 1442ھ)

### (3) ڇا جونئون مارڻ سان وضو ٽٽندو آهي؟

سوال: ڇا جونئون مارڻ سان وضو ٽٽندو آهي؟

جواب: جونئون مارڻ، ائين ئي ٻڪرو ذبح ڪرڻ سان وضو ناهي ٽٽندو. نَعُوۡذُ بِاللّٰه جيڪڏهن ڪو باوضو ڪنهن شخص کي قتل ڪري ڇڏي ته ان سان به وضو نه ٽٽندو. ڪنهن کي مارڻ ڪُٽڻ سان وضو ناهي ٽٽندو. (مدني مذاڪره، 28ربيع الاول شريف 1442ھ)

### (4) غير مسلم کي سِرون وڪڻڻ ڪيئن؟

سوال: جيڪڏهن ڪو غير مسلم ڪنهن مسلمان کان سرون خريد ڪري پنهنجي عبادت گاهہ ناهي ته ڇا ان جو گناهہ مسلمان کي ملندو؟

جواب: غير مسلم کي سِرون وڪڻڻ جائز آهي، اهو خريد ڪري جتي به لڳائي ان جو گناهہ مسلمان تي ناهي، ها جيڪڏهن گناهہ جي نيت سان ڏنيون ته ان جا مختلف احڪام آهن.

### (5) نماز جي دعوت ڏيڻ جو انداز ڪهڙو هئڻ گهرجي؟

سوال: 72 نيڪ اعمال رسالي جو ٿيون سوال هي آهي ته ”ڇا اڄ توهان گهر، بازار، مارڪيٽ وغيره جتي به هجو اتي نمازن جي اوقات ۾ نماز پڙهڻ کان اڳ نماز پڙهڻ جي دعوت ڏني؟“ سوال اهو آهي ته مارڪيٽ ۾ نماز جي دعوت ڏيندي اسان کي ڪهڙو انداز اختيار ڪرڻ گهرجي؟

جواب: نماز جي دعوت ڏيندي وقت محبت ڀريو انداز هئڻ گهرجي، نماز جي دعوت فون تي به ڏئي سگهجي ٿي، مسجد ۾ وڃڻ وقت به ڪنهن کي نماز پڙهڻ لاءِ گڏ هلڻ جو چئي سگهجي ٿو. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو شخص نماز ۾ نظر نٿو اچي ته ان کي دعوت ڏيندي سمجهائڻ جي ڪوشش به ڪري سگهجي ٿي. وڌيڪ اهو ته نماز جي تعلق سان روايتون ٻڌائي سگهجن ٿيون ۽ ”فيضانِ نماز“ ڪتاب مان درس به ڏئي سگهجي ٿو. بهرحال مختلف صورتون اپنائي سگهجن ٿيون، نماز جي دعوت ڏيندو رهڻ گهرجي اِنْ شَآءَاللّٰه الڪريم! نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو ويندو. (مدني مذاڪره، 9ربيع الاول شريف 1442ھ)

### (6) تبرڪات جو استخارو ڪرڻ ڪيئن

سوال: خبر پئي آهي ته اوهان تبرڪات جي باري ۾ استخارو ڪندا آهيو ته ڇا هي تبرڪ صحيح آهي يا نه؟

جواب: مون اڄ تائين تبرڪات جي حوالي سان ڪو به استخارو ناهي ڪيو ۽ نه وري استخاري جي ذريعي تبرڪات فائنل ڪري سگهجن ٿا. تبرڪات جا شرعي تقاضا ٻيا آهن. (مدني مذاڪره، 7ربيع الاول شريف 1442ھ)

## (7) شفقت مان ننڍڙن ٻارن جا هٿ پير چمڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٻارن جا پير چمڻ سان ٻار نافرمان ٿيندا آهن؟

جواب: ماڻهو ننڍڙن ٻارن جا هٿ پير شفقت مان چمندا آهن، ان ۾ ڪو حرج ناهي. ان سان نہ ٻارن جي تعظيم ڪرڻ مقصود هوندي آهي ۽ نہ ئي ٻارن کي خبر هوندي آهي تہ منهنجا هٿ پير ڇو چمندا آهن.؟ رڳو ٻار سٺا ۽ پيارا لڳندا آهن تہ انڪري چمندا آهن. هٿ پير چمڻ سان ٻارن جو نافرمان ٿي وڃڻ اهو مون پهريون ڀيرو ٻڌو آهي. ۽ اها ڳالهہ سمجهڻ ۾ بہ نٿي اچي، ائين نہ عالمن کان ٻڌو آهي نہ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي. (مدنی مذاکرہ، 3ربیع الاول شریف 1442ھ)

## (8) جنت جو موسم ڪهڙو هوندو؟

سوال: جهڙي طرح دنيا جي زندگي ۾ 12 مهينا هوندا آهن تہ ڇا آخرت يعني جنت جي زندگي ۾ بہ هي مهينا موجود هوندا؟

جواب: آخرت ۾ هن دنيا جهڙو نظام ناهي. دنيا ۾ تہ اونهارو، سيارو، مهينا، هفتا، ڏينهن ۽ راتيون موجود آهن، اتي هي نہ هوندا. جنت ۾ هر وقت بهار جو موسم هوندو، دنيا ۾ جيئن صبح صادق جي وقت سمان هوندو آهي اهڙو سمان جنت ۾ هوندو. اتي مک، مڇر، اونداهي، بيماري، صدمو ۽ بدبوء وغيره جهڙي ڪا بہ شيءِ نہ هوندي. اتي تہ رڳو خوشيون ئي خوشيون هونديون. جنتي کي جنهن شيءِ جي خواهش هوندي اها ان کي ملي ويندي جنت ۾ سرڪار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿيندو. ايترو ئي نہ جنت ۾ جنتي شخص کي جيڪا سڀ کان وڏي نعمت ملندي اهو الله پاڪ جو ديدار هوندو. (مدنی مذاکرہ، 2ربیع الاول شریف 1442ھ)





# ڪجھ نيڪيون ڪري وٺو

# شب براءت ۾ رسول الله ﷺ جا معمولات

مولانا عدنان چشتي عطاري مدني

شعبان المعظم جي پندرهين رات کي دين اسلام ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ان جي خاصيتن سبب ان کي شبِ براءت به سڏيو ويندو آهي. حضور نبيءِ رحمت صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم هن رات ۾ مختلف جڳهين تي مختلف انداز سان عبادت فرمائيندا هئا جهڙوڪ:

## مسجد ۾ عبادت:

حضرت سيدنا انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا ته مون کي حضورِ اڪرم صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم ڪنهن ڪم سان حضرت سيدتنا عائشه صديقه رضی اللہ عنہا جي گھر موڪليو ته مون انهن کي عرض ڪيو جلدي ڪيو، ڇو ته مان حضورِ اڪرم صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم کي ان حالت ۾ ڇڏي آيو آهيان جو پاڻ صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم صحابهءِ جي باري ۾ ڪجھ ڳالهيون ٻڌائي رهيا هئا ته حضرت سيدتنا عائشه صديقه رضی اللہ عنہا فرمايو: اي انس، هتي ويهو! مان توهان کي نصف شعبان جي باري ۾ حضورِ اڪرم صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم جي حديث مبارڪ ٻڌايان ٿي. هڪ دفعي حضورِ اڪرم صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم منهنجي گھر تشريف فرما هئا رات جي وقت جڏهن منهنجي اک کُلي، ته مون پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم کي بستري تي نه ڏٺو، مان پين ازواج مطهرات رضی اللہ عنہن جي حجرن ڏانهن ويس پر اتي به پاڻ صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم موجود نه هيا. مون خيال ڪيو ته شايد پاڻ صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم حضرت ماريہ قبطيہ رضی اللہ عنہا جي گھر ويا هوندا مان گھران نڪتيس ۽ مسجد وٽان گذري رهي هئس ته منهنجو پير پاڻ صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم سان ٽڪرائجي پيو ان وقت پاڻ سجدي ۾ هئا.[1]

## گھر ۾ عبادتون ۽ مناجاتون

پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم شبِ براءت ۾ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سجده ريز ٿي جيڪي دُعائون گھريون انهن جي باري ۾ حافظ ۽ مُؤرخ ابو عبدالله محمد بن سعيد المعروف علامہ ابن دبيثي رحمۃ اللہ علیہ (وفات 637 ھ) شبِ براءت جي فضائل تي مشتمل پنهنجي رسالي ۾ روايت نقل فرمائي آهي ته: اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشه صديقه رضی اللہ عنہا ارشاد فرمائن ٿيون: مان رسولُ الله صَلَّی اللہ علیہ والہ وسلَّم کي پنهنجي حجري ۾ ڪِريل ڪپڙي وانگر (يعني بغير ڪنهن حرڪت جي) سجدي جي حالت ۾ ڏٺو ته

پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هينئن مُناجات ڪري رهيا آهن: سَجَدَ لَكَ سَوَادِیْ وَ خَيَالِیْ وَ اٰمَنَ بِكَ فُؤَادِیْ هٰذِهٖ يَدِیْ وَ مَا جَنَيْتُ بِهَا عَلٰى نَفْسِیْ يَا عَظِيْمُ رَجَاءٌ لِكُلِّ عَظِيْمٍ اِغْفِرِ الذَّنْبَ الْعَظِيْمَ سَجَدَ وَجْهِی لِلَّذِیْ خَلَقَهٗ وَ شَقَّ سَمْعَهٗ وَ بَصَرَهٗ ترجمو: منهنجي دل ۽ خيال توکي سجدو ڪيو ۽ مان دل سان توتي ايمان آندو، هي منهنجا هٿ آهن جن سان مون کو گناهه نہ ڪيو آهي، اي عظمت واري ذات! جنهن کان هر عظيم شيءِ جي اميد ڪئي ويندي آهي، گناهِ عظيم کي معاف فرماءِ، منهنجو چهرو ان ذات جي لاءِ سجدي ۾ آهي، جنهن ان کي پيدا ڪيو آهي ۽ ان ۾ ڪن ۽ اکيون بڻايون اهن.

پوءِ حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي مان مٿو مٿي ڪنيو ۽ ٻيهر سجدي ۾ وڃي عرض ڪيائون: اَعُوْذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ وَ بِعَفْوِكَ مِنْ عِقَابِكَ وَبِكَ مِنْكَ اَنْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ اَقُوْلُ كَمَا قَالَ اَخِیْ دَاوٗدُ اَعْفِرُ وَجْهِی فِی التُّرَابِ لِسَيِّدِیْ وَ حَقٌّ لَهٗ اَنْ يُسْجَدَ ترجمو: مان تنهنجي ناراضگيءَ کان تنهنجي رضا جي، تنهنجي عذاب کان تنهنجي معافي جي ۽ تنهنجي جلال کان تنهنجي ئي پناهه گهران ٿو. تون اهڙي ئي ثناء ۽ تعريف جي لائق آهين جيڪا تو پاڻ بيان فرمائي آهي، مان بہ اُهو ئي عرض ڪريان ٿو، جيڪو منهنجي ڀاءُ داؤد عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو هو: مان پنهنجو چهرو پنهنجي مولا جي لاءِ خاڪ آلود (مٽيءَ هاڻو) ڪريان ٿو جيڪو ان لائق آهي تہ ان جي اڳيان پيشاني جهڪائي وڃي. پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي مان مٿو مٿي کڻي هي دعا گُهري: اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِیْ قَلْبًا نَقِيًّا لَا كَافِرًا وَّ لَا شَقِيًّا ترجمو: اي الله! مون کي پاڪيزهہ دل عطا فرماءِ نہ اُها ناشڪري ڪندڙ هجي ۽ نہ ئي بدبخت.[2]

## شبِ براءت ۾ حضور جا ڊگها سجدا

شبِ براءت ۾ اسانجي پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا سجدا ڪيتري قدر ڊگها هوندا هئا، ان جو اندازو هن حديث مان لڳايو جيئن تہ: اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشه صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: هڪ رات حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز ادا ڪرڻ لاءِ بيٺا ۽ ايترو ڊگهو سجدو ڪيائون جو مون سمجهيو تہ پاڻ سڳوري صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو روح قبض ڪيو ويو آهي، جڏهن مون اهو ڏٺو تہ اٿي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آڱوٺي کي لوڏيو تہ ان ۾ حرڪت پيدا ٿي تہ مان واپس هلي آيس.پوءِ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سجدي مان مٿو مبارڪ مٿي ڪنيو ۽ نماز کان فارغ ٿيا تہ فرمايائون: اي عائشہ! ڇا توکي اهو گمان ٿيو تہ مان توسان بي وفائي ڪندس؟ مون عرض ڪيو: اي الله جا نبي! خدا جو قسم ايئن نہ آهي پر توهان جي ڊگهي سجدي سبب مونکي خيال ٿيو تہ ڪٿي توهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو

روح تہ نہ قبض ڪيو ويو آهي پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ڇا تون ڄاڻين ٿي تہ هيءَ ڪهڙي رات آهي؟ مون عرض ڪيو: الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻن ٿا. فرمايائون: هيءَ نصف شعبان (شبِ براءت) جي رات آهي، ان رات ۾ الله پاڪ پنهنجي ٻانهن تي رحمت جي نظر فرمائيندو آهي. بخشش گهرڻ وارن ڪي بخشي ڇڏيندو آهي، رحم طلب ڪرڻ وارن تي رحم فرمائيندو آهي ۽ بغض رکڻ وارن کي انهيءَ ئي حال تي ڇڏي ڏيندو آهي.[3]

پيارا سلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي بہ شبِ براءت جي اهميت ٻڌائيندا هئا جيئن حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي عرض ڪيو تہ جلدي ڪيو، مان رسولُ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙي حال ۾ ڇڏي آيو آهيان جو اوهان صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم کي پندرهين شعبان جي باري ۾ ٻڌائي رهيا هئا. وڌيڪ مختلف احاديث پاڪ جي روشني ۾ هي بہ معلوم ٿيو تہ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سال شبِ براءت ۾ ڪڏهن گهر ۾ تہ، ڪڏهن مسجد ۾ عبادت، ذڪر ۽ دعا ۾ مشغول رهندا هئا ۽ اهو بہ ايتري اهتمام سان جو ڪڏهن ڪڏهن سڄي رات عبادت ۾ گذري ويندي هئي. جيئن حضرت سيدتنا عائشه صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بيان فرمائن ٿيون: فَمَا زَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم يُصَلِّيْ قَائِمًا وَّقَاعِدًا حَتّٰى اَصْبَحَ فَاَصْبَحَ وَ قَدِ اصْمَغَدَّتْ قَدَمَاهُ فَاِنِّيْ لَاَغْمِزُهَا يعني رسولُ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيهي ۽ ويهي مسلسل نماز پڙهندا رهيا، ايستائين جو صبح ٿي وئي ۽ صبح تائين حضور اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ قدم سُڄي ويا هئا تنهنڪري مان پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا قدم مبارڪ دٻائڻ لڳيس.[4] ڪڏهن ايئن بہ ٿيو جو امت جي لاءِ فڪرمند رهڻ وارا اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، شبِ براءت ۾ قبرستان تشريف ڪٺي ويا ۽ اُتي وڃي پنهنجي رب کان اهلِ قبور جي لاءِ دعائون گهريائون. جيئن حضرت سيدتنا عائشه صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پندرهين شعبان جي رات جنتُ البقيع ۾ هن حال ۾ ڏٺو جو پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلمان مردن، عورتن ۽ شهيدن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهري رهيا هئا.[5]

صد شکر خدایا تو نے دیا، ہے رحمت والا وہ آقا
جو امت کے رنج و غم میں، راتوں کو اشک بہاتا رہے[6]

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ رحمت ۽ مغفرت واري هن مبارڪ رات کي شب بيداري ڪندي عبادت، ذڪر ۽ دعا ۾ گذاريون ۽ پنهنجي لاءِ مغفرت جي دعا سان گڏوگڏ قبرستان وڃي پنهنجي مرحومين لاءِ بہ دعاءِ مغفرت ڪريون.

## شبِ براءت ۾ قبرستان وڃڻ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** گهڻي عرصي کان مسلمانن جو اهو معمول رهيو آهي ته شبِ براءت ۾ قبرستان وڃي پنهنجي مرحوم رشتيدارن ۽ عام مسلمانن جي لاءِ فاتحه خواني، ايصالِ ثواب ۽ دعاءِ مغفرت ڪندا آهن، ولين ۽ عالمن جي مزارن تي حاضري جو به اهتمام ڪيو ويندو آهي هي نه رڳو هڪ سٺو عمل آهي، پر حديث پاڪ ۾ زياراتِ قبور کي دنيا کان بي رغبتي ۽ آخرت جي فڪر جو سبب قرار ڏنو ويو آهي. جيئن پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو كُنْتُ نَهَيْتُكُمْ عَنْ زِيَارَةِ الْقُبُوْرِ فَزُوْرُوْهَا فَاِنَّهَا تُزَهِّدُ فِى الدُّنْيَا وَتُذَكِّرُ الْاٰخِرَةَ يعني مون اوهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، هاڻي زياراتِ قبور ڪندا ڪيو، جو بيشڪ اها دنيا کان بي رغبت ڪندي آهي ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي.[7] معلوم ٿيو ته وقت بوقت قبرستان ويندو رهڻ گهرجي ته جيئن قبرن کي ڏسي اسان جي دل ۾ آخرت جو فڪر پيدا ٿئي، خاص طور تي پندرهين شعبان جي رات قبرستان وڃي پنهنجي مرحومين ۽ ٻين مسلمانن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ گهرجي.

---

1... فضائل الاوقات،باب فى فضل ليلة النصف من شعبان، ص32، حديث:36

2... ذكر احاديث رويت عن النبى فى ذكر ليلة النصف من شعبان و فضله،ص 134 ماخوذا

3...شعب الايمان، بابِ فى الصيام، ماجاء فى ليلة النصف من شعبان، 382/3، حديث:3835

4...الدعوات الكبير،بابِ القول و الدعا ليلة البراءة، 145/2،حديث:530 ماخوذا

5...شعب الايمان، بابِ فى الصيام، ماجاء فى ليلة النصف من شعبان، 384/3، حديث:3837 ماخوذا

6...وسائلِ بخشش،ص475

7... ابن ماجه، كتابِ الجنائز،بابِ ماجاء فى زيارة القبور،252/2، حديث:1571

مولانا اويس يامين عطاري مدني



# ننڍي عمر وارا صحابہِ ڪرام حضرت ضحاڪ بن قيس ۽ حضرت جُحيفہ رضی اللہ عنہ

قارئين ڪرام! حضرت ضَحاڪ بن قَيس ۽ حضرت ابو جُحيفہ رضی اللہ عنهما جو شمار بہ ننڍي عمر وارن صحابہِ ڪرام ۾ ٿئي ٿو، اچو تہ! انهن جي باري ۾ پڙهي، پنهنجين دلين کي محبتِ صحابہ ڪرام سان روشن ڪيون.

## حضرت ضحاڪ بن قيس رضی اللہ عنہ

پاڻ رضی اللہ عنہ جي ولادت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جن جي وصالِ ظاهري کان 7 سال پهريان 3 هجري ۾ ٿي.(1) پاڻ حضرت اُميمہ جا فرزند ۽ فاطمہ بنتِ قيس جا ننڍا ڀاءُ آهن.(2)

**روايات احاديث:** پاڻ رضی اللہ عنہ کان ڪيتريون ئي حديثون مروي آهن.(3)

**دنيا ۽ آخرت ۾ سعيد و شقي:** هڪ روايت ۾ پاڻ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ رسولِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم ارشاد فرمايو: جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي قوم وٽ اچي ۽ ماڻهو ان جي ڀليڪار ڪن تہ جنهن ڏينهن اهو شخص الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ويندو اتي بہ کيس ڀليڪار ڪيو ويندو ۽ جيڪو شخص پنهنجي قوم وٽ اچي ۽ ماڻهو ان جي برائي ڪن تہ قيامت جي ڏينهن بہ ان جو حشر برو ٿيندو.(4)

**وصال:** حضورِ اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي وصالِ ظاهري وقت پاڻ رضی اللہ عنہ تقريباً 7 سالن جا هئا، پاڻ رضی اللہ عنہ 61 ورهين جي عمر ۾ 15 ذوالحج 64 ھ تي واقعي مَرْجِ راهِط ۾ شهادت جو جام نوش فرمايائون.(5)

## حضرت ابو جُحَيفہ وَهَب بن عبد الله رضی اللہ عنہ

پاڻ رضی اللہ عنہ جو شمار ننڍي عمر وارن صحابہِ ڪرام ۾ ٿئي ٿو. اوهان حضورِ اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جو ڪلام شريف ٻڌو ۽ ان کي روايت بہ ڪيو آهي.(6)

**تعدادِ روايات:** پاڻ رضی اللہ عنہ کان 45 حديثون مروي آهن.(7)

**عالمن کان ڳالهيون پڇندا ڪيو:** هڪ روايت ۾ پاڻ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ رسولِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم ارشاد فرمايو: وڏن وٽ ويهندا ڪيو، عالمن کان ڳالهيون پڇندا ڪيو ۽ حڪمت وارن سان ميل ميلاپ رکندا ڪيو.(8)

**وصال:** حضورِ اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي وصالِ ظاهري وقت پاڻ رضی اللہ عنہ اڃان ٻار هئا، بالغ نہ ٿيا هئا، پاڻ رضی اللہ عنہ سن 72 هجري ۾ وفات ڪئي.(9)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي.

اٰمِیْنْ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

1 الاستیعاب فی معرفۃ الاصحاب، 297/2

2 معرفۃ الصحابۃ لابی نعیم، 63/3

3 اسد الغابہ، 49/3

4 معجم کبیر، 298/8، حدیث: 8136

5 الاستیعاب فی معرفۃ الاصحاب، 298/2

6 الاستیعاب فی معرفۃ الاصحاب، 186/4

7 تہذیب الاسمآء واللغات، 489/2

8 معجم کبیر، 125/22، حدیث: 324

9 تہذیب الاسمآء واللغات، 489/2




## مُئل زال جي هٿ کي چمڻ ڪيئن؟

سوال :ڇا فرمائين ٿا علماء دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي بابت ته ڇا مڙس پنهنجي مئل زال جي هٿ کي چمي سگهي ٿو؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شرعي قانون جي مطابق زال جي وفات سان نڪاح فوراً ختم ٿي ويندو آهي ۽ مڙس لاءِ زال اجنبي بڻجي ويندي آهي، تنهنڪري مڙس لاءِ بغير ڪنهن حائل جي زال کي هٿ لائڻ جائز ناهي. ان ڪري مڙس لاءِ پنهنجي مئل زال جي هٿ وغيره کي بغير پردي جي چمڻ جائز ناهي، اهو ناجائز ۽ ممنوع عمل آهي. البته پنهنجي مئل زال جو منهن ڏسڻ، ان کي ڪلهو ڏيڻ، قبر ۾ لاهڻ وغيره جائز عمل آهن.

هي جيڪو عام ماڻهن ۾ مشهور آهي ته مڙس پنهنجي زال جي جنازي کي نه ڪلهو ڏئي سگهي ٿو، نه ئي قبر ۾ لاهڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿو، نه ئي زال جو منهن ڏسي سگهي ٿو، اهي سڀئي ڳالهيون غلط آهن ۽ انهن جو شريعتِ مطهره ۾ ڪو به بنياد ناهي.

ياد رهي ته مڙس بابت مٿيون حڪم آهي، پر زال جي حوالي سان حڪم مختلف آهي .زال لاءِ جائز آهي ته هوءَ مڙس جي وفات کان پوءِ بغير آڙ جي ان کي هٿ لائي سگهي ٿي، ان کي غسل ڏئي سگهي ٿي، ڇو ته مڙس جي وفات سان نڪاح فوري طور ختم نه ٿيندو آهي، پر جيسيتائين زال عدت ۾ هوندي، نڪاح ڪنهن حد تائين برقرار رهندو آهي.

البته، جيڪڏهن مڙس مرڻ کان پهريان زال کي طلاقِ بائن ڏئي چڪو هو، ته پوءِ، جيتوڻيڪ زال عدت ۾ هجي، پر ان لاءِ جائز نه هوندو ته هوءَ مڙس کي غسل ڏئي يا ان کي هٿ لائي، ڇو ته طلاقِ بائن سان نڪاح فوراً ختم ٿي ويندو آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عليه واٰلهٖ وسلَّم

| مجيب | مصدق |
| --- | --- |
| مولانا محمد سرفراز اختر عطاری | مفتی فضیل رضا عطاری |

حامل عورت جي پستان مان نڪرندڙ پاڻي جو حڪم.

سوال :ڇا فرمائن ٿا علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ تہ هڪ حامل عورت، جنهن جو حمل آخري مهيني ۾ آهي، ان جي پستان مان ڪڏهن ڪڏهن بغير ڪنهن بيماري ۽ تڪليف جي اڇو پاڻي نڪرندو آهي تہ ڇا اهو پاڻي ناپاڪ هوندو؟ جيڪڏهن اهو پاڻي ڪپڙن تي لڳي وڃي تہ ڇا حڪم آهي؟ ۽ ڇا ان صورت ۾ وضو بہ ٽٽي ويندو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پستان مان نڪرندڙ اهو پاڻي وضو ٽوڙي ڇڏيندو، جيڪو بيماري يا زخم جي ڪري نڪري ۽ اهڙي هنڌ تائين پهچي جنهن کي وضو يا غسل ۾ ڌوئڻ فرض آهي.

پر جيڪا صورت بيان ڪئي وئي آهي، ان مطابق پستان مان نڪرندڙ اڇو پاڻي ڪنهن بيماري يا زخم جي ڪري ناهي، تنهنڪري ان جي نڪرڻ سان نہ تہ وضو ٽُٽندو ۽ نہ ئي اهو پاڻي ناپاڪ ٿيندو.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

| مجیب | مصدق |
| --- | --- |
| مولانا محمد سرفراز اختر عطاری | مفتی فضیل رضا عطاری |



والدين جي لاءِ

# ٻارن ۾ تخليقي صلاحيتون پيدا ڪرڻ جا طريقا

ڊاڪٽر ظهور احمد دانش عطاري مدني

اولاد انسان جو بهترين سرمايو آهي. هي سندس اميدن ۽ خواهشن جو سڀ کان وڏو مرڪز بہ آهي. اسان مان ڪير آهي، جيڪو پنهنجي اولاد جي خراب مستقبل جو تصور بہ ڪري سگهي؟ پر اولاد جو سٺو مستقبل رڳو خواهشن ۽ اميدن جي سهاري تي ناهي ٿيندو. ان جي لاءِ هڪ واضع حڪمت عملي جي ضرورت آهي. انهن ننڍڙن ٻارن کي باصلاحيت بڻائڻ ۽ تخليقي ذهن فراهم ڪرڻ لاءِ، اسان اوهان سان ڪجھ *Tips* شيئر ڪنداسين، جيڪي اوهان لاءِ اولاد جي تربيت ڪرڻ ۽ انهن کي *creative mind* بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

## ٻارن کي مواد فراهم ڪريو

Provide Open-Ended Materials

پنهنجن ٻارن کي اهڙو مواد فراهم ڪيو، جيئن بلاڪس اهڙي طرح اهي رانديڪا جن کي ٽوڙي ۽ جوڙي ٻار ڪو تخليقي ڪم ڪري سگهن. انهن کي نقشا *(Maps)* وٺي ڏيو. مختلف تصويرن کي جوڙڻ لاءِ ٽڪرن ۾ مواد آڻي ڏيو، جن کي جوڙي هو هڪ مڪمل تصوير بڻائي سگهن. اهڙي ئي قسم جا ٻيا ڪم بہ ٻارن جي تخليقي صلاحيت کي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا.

## تخيلاتي راندين جي حوصلہ افزائي ڪريو

Encourage Imaginative Play

ٻارن لاءِ تخيلي رانديون کيڏڻ جا موقعا پيدا ڪريو، جهڙوڪ مقدس ماڳن، اهم تاريخي جڳهن ۽ تاريخي شين جا ماڊل ٺاهڻ سان لاڳاپيل سرگرميون. جيئن نياڻين جي دلچسپي ڪپڙن جي سلائي ۽ ٿانون ۾ هوندي آهي جڏهن تہ پُٽن جي تير ٺاهڻ، بلڊنگ ٺاهڻ، ۽ جهاز ٺاهڻ وغيره تہ انهن کي اهڙيون رانديون کيڏڻ جا موقعا فراهم ڪريو.

## مختلف سوچ جي حمايت ڪريو

Support Divergent Thinking

ٻارن جي همٿ افزائي ڪيو تہ اهي مسئلن جا گهڻي کان گهڻا حل پيش ڪن ۽ مختلف نقطہ نظر ڳولهين. صرف "درست" جواب جي ڳولا تي ڌيان ڏيڻ کان پاسو ڪن. انهن کي سوچڻ جا کليل موقعا فراهم ڪيو، نہ تہ هو تخليقي سوچ کان محروم ٿي ويندا.

## انهن کي آرٽ سان واقفيت ڪرايو

Expose Them to the Arts

ٻارن کي عجائب گهرن، آرٽ گيلرين ۽

ليبز وغيره ۾ وٺي وڃو. ايئن ڪرڻ سان انهن جي سوچ ۾ وسعت پيدا ٿيندي.

## راند روند لاءِ ڪين وقت ڏيو

Provide Time for Play

ٻارن کي راند لاءِ وقت ڏيو، جتي هو پنهنجي دلچسپي ظاهر ڪري سگهن. ايئن ڪرڻ سان انهن کي آزادي ۽ تخليقي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ مدد ملندي آهي ۽ هو پنهنجون لڪيل صلاحيتون ڀرپور طريقي سان مڃائي سگهن ٿا.

## کُليل سوال پڇو

Ask Open-Ended Questions

ها يا نه ۾ سوال پڇڻ بدران، کليل سوال پڇو، جيڪي تنقيدي سوچ ۽ تخليقي صلاحيتن جي همٿ افزائي ڪندا آهن. مثال طور: توهان جي خيال ۾ ڇا ٿيندو جيڪڏهن...؟ يا توهان هي مسئلو ڪيئن حل ڪندئو؟ ان سان ٻار ۾ هر رخ کان سوچڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي.

## تجربا ڪرڻ جي حوصلہ افزائي ڪريو

Encourage Experimentation

ٻارن کي اهڙا موقعا فراهم ڪيو، جتي هو رسڪ کڻڻ ۽ ان کي مُنهن ڏيڻ سکي سگهن. جيئن انهن جي اندر مان خوف ۽ ڊپ ختم ٿئي ۽ هو نيون نيون شيون آزمائڻ ۾ آساني محسوس ڪن. انهن کي ناڪامي جي خوف کان آزاد ڪري، مختلف خيالن ۽ طريقن سان تجربا ڪرڻ جي ترغيب ڏيو.

## ڪهاڻيون پڙهوءِ ٻڌايو

Read and Tell Stories

گڏجي ڪتاب پڙهو ۽ ٻارن کي پنهنجون ڪهاڻيون پاڻ ٺاهڻ جي ترغيب ڏيو. ايئن ڪرڻ سان انهن جي تخيل ۽ ڪهاڻي بيان ڪرڻ جي مهارت کي وڌائڻ ۾ مدد ملندي آهي.

## تخليقي اظهار جا موقعا فراهم ڪريو

Provide Opportunities for Creative Expression


ٻارن کي تلاوت، نعت، تقرير، ۽ تحرير جهڙا موقعا فراهم ڪيو، جتي هو پوري توانائي سان پنهنجي فن ۽ قابليت جو اظهار ڪري سگهن. هر ڳالهه تي روڪ ٽوڪ ڪرڻ ۽ هر وقت ڪَٽڻ جو وهم انهن جي ذهنن ۾ پيدا نہ ڪيو، بلڪہ انهن کي ڪجهہ چوڻ ۽ ڪرڻ جا موقعا ڏيو.

## تخليقي صلاحيتن جي خوشي ملهايو

Celebrate Creativity

ٻارن جي تخليقي ڪوشش ۽ ڪاميابين کي تسليم ڪيو ۽ انهن سان گڏجي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. انهيءَ سان انهن جو اعتماد وڌندو آهي ۽ هو پنهنجي تخليقي دلچسپين جي ڳولا جاري رکندا آهن

ياد رکو تہ هر ٻار منفرد هوندو آهي، تنهنڪري تخليقي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ مختلف قسم جا تجربا ۽ موقعا مهيا ڪرڻ ضروري آهي. اميد آهي تہ هيءُ مضمون توهان لاءِ هڪ بهترين چاڻ جو ذريعو ثابت ٿيو هوندو.



## شبِ براءت جا نهايت اهم نفلَ

شبِ براءت جي عبادت جي حوالي سان بزرگانِ دين جي زماني کان وٺي هاڻي تائين صوفياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہ جو اهو معمول هلندو پيو اچي ته ان رات مغرب جي نماز کان بعد 6 رڪعتون ٻہ ٻہ ڪري ادا ڪيون وڃن. هر رڪعت ۾ هڪ ڀيرو سورت فاتحہ ۽ ڇهہ ڀيرا سورت اخلاص پڙهي وڃي. هر ٻن رڪعتن کان بعد هڪ ڀيرو سورت يٰس ۽ دعاءِ نصف شعبان پڙهي وڃي، پهرين ٻن رڪعتن جي ذريعي الله پاڪ کان عمر ۾ برڪت، ٻي ٻن رڪعتن جي ذريعي رزق ۾ برڪت، ۽ ٽين ٻن رڪعت جي ذريعي چڱي خاتمي جو سوال ڪيو وڃي. بزرگانِ دين رحمۃ اللہ علیہ ذڪر ڪيو آهي ته جيڪو هن طريقي جي مطابق هي نفلَ ادا ڪندو ان جون مذڪوره حاجتون پوريون ڪيون وينديون. وڌيڪ فرمائن ٿا: هي مشائخن جي معمولات منجهان آهي. (اتحاف السادۃ المتقین، 3/708)

## دعاءِ نصف شعبان المعظم

اَللّٰهُمَّ يَا ذَا الْمَنِّ وَلَا يُمَنُّ عَلَيْهِ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ ؕ يَا ذَا الطَّوْلِ وَالْاِنْعَامِ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ ظَهْرُ اللَّاجِيْنَ ؕ وَجَارُ الْمُسْتَجِيْرِيْنَ وَاَمَانُ الْخَائِفِيْنَ ؕ اَللّٰهُمَّ اِنْ كُنْتَ كَتَبْتَنِيْ عِنْدَكَ فِيْ اُمِّ الْكِتٰبِ شَقِيًّا اَوْ مَحْرُوْمًا اَوْ مَطْرُوْدًا اَوْ مُقَتَّرًا عَلَيَّ فِي الرِّزْقِ فَامْحُ اللّٰهُمَّ بِفَضْلِكَ شَقَاوَتِيْ وَحِرْمَانِيْ وَطَرْدِيْ وَاِقْتِتَارَ رِزْقِيْ ؕ وَاَثْبِتْنِيْ عِنْدَكَ فِيْ اُمِّ الْكِتٰبِ سَعِيْدًا مَّرْزُوْقًا مُّوَفَّقًا لِّلْخَيْرَاتِ ؕ فَاِنَّكَ قُلْتَ وَقَوْلُكَ الْحَقُّ فِيْ كِتَابِكَ الْمُنَزَّلِ ؕ عَلٰى لِسَانِ نَبِيِّكَ الْمُرْسَلِ (يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ ۚ وَعِنْدَهٗۤ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿۳۹﴾) (پ13، الرعد:39) اِلٰهِيْ بِالتَّجَلِّي الْاَعْظَمِ فِيْ لَيْلَةِ النِّصْفِ مِنْ شَهْرِ شَعْبَانَ الْمُكَرَّمِ الَّتِيْ يُفْرَقُ فِيْهَا كُلُّ اَمْرٍ حَكِيْمٍ وَّيُبْرَمُ اَنْ تَكْشِفَ عَنَّا مِنَ الْبَلَآءِ وَالْبَلْوَآءِ مَا نَعْلَمُ وَمَا لَا نَعْلَمُ وَاَنْتَ بِهٖ اَعْلَمُ اِنَّكَ اَنْتَ الْاَعَزُّ الْاَكْرَمُ ؕ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمْ ؕ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ۔




# ماهِ قرآن

مولانا حيدر علي مدني

پيارا ٻارو! ڪجهه ڏينهن ۾ اسان وٽ هڪ نهايت معزز مهمان اچڻ وارو آهي، تنهنڪري اسان کي هاڻي کان ئي سندس آجيان جي تياري شروع ڪرڻي آهي. ان حوالي سان توهان کي وڏيڪ هدايتون (Guide lines) اسان جا اسلاميات جا استاد محترم سر بلال ڏيندا. پرنسپال صاحب اهو چئي مائيڪ پنهنجي ساڄي طرف بيٺل سر بلال کي ڏنو. اصل ۾ اڄ مهيني جو آخري جمعو هو ۽ سيئي ٻار دعائيه اسيمبلي ۾ ئي بيٺا هئا. قومي ترانو پڙهي چڪا هئاسين ته پرنسپال صاحب اها خوشخبري ٻڌائي تڏ ۾ ڏڪندڙ ٻارن ۾ خوشي ۽ توانائي پري ڇڏي هئي.

سر بلال بسم الله ۽ درود پڙهي پنهنجي ڳالهه شروع ڪئي: پيارا ٻارو! اسان وٽ هڪ انتهائي معزز مهمان اچڻ وارو آهي ۽ اسان ان جو سيني کان منفرد استقبال ڪرڻ وارا آهيون. اهو استقبال ڪهڙو هوندو ۽ اسان کي ان لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو؟ اچو ته مان اوهان کي سمجهايان ٿو: اڄ کان چوڏهن سؤ سال پهريان اسان جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ به اهو مهمان اچڻ وارو هو. تنهنڪري ان جي اچڻ کان اڳ ئي اسان جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجن پيارن اصحابن کي ان جو اهڙو شاندار استقبال ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو جو اهڙو استقبال ڪنهن به ڪنهن جو نه ڪيو هوندو. اسان جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان فرمايو: اي انسانو! توهان وٽ عظمت ۽ برڪت وارو مهينو اچي رهيو آهي، جنهن ۾ هڪ رات اهڙي به آهي، جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي. هن مهيني جا روزا الله پاڪ فرض ڪيا آهن ۽ ان جي راتين ۾ قيام ڪرڻ نفل آهي. جنهن هن مهيني ۾ ڪو نيڪ ڪم ڪيو اهو ايئن آهي جڻ ڪنهن ٻئي مهيني ۾ فرض ادا ڪيائين ۽ جنهن ان ۾ فرض ادا ڪيو اهو ائين آهي جڻ ٻين مهينن ۾ ستر فرض ادا ڪيائين.

سائين: هن جو مطلب ڇا آهي؟ نفل ۽ فرض واري ڳالهه ٻڌي معاويه هٿ مٿي ڪري پڇيو.

سر بلال: يعني هن مهيني ۾ نفل جو ثواب فرض جيترو ملندو آهي ۽ هڪ فرض ادا ڪرڻ جو ثواب ستر فرض ادا ڪرڻ جي ثواب جيترو ملندو آهي. پوءِ اسان جي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏيڪ

فرمايو: هي مهينو صبر جو آهي ۽ صبر جو ثواب جنت آهي ۽ هي مهينو غمخواري ۽ ڀلائي جو آهي ۽ هن مهيني ۾ مؤمن جو رزق وڌايو ويندو آهي. جيڪو هن مهيني ۾ ڪنهن روزيدار کي افطار ڪرائيندو اهو ان جي گناهن جي مغفرت آهي ۽ ان کي جهنم جي باهه کان آزاد ڪيو ويندو ۽ افطار ڪرائڻ واري کي ايترو ئي ثواب ملندو، جيترو روزو رکڻ واري کي ملندو. (فيضانِ رمضان، ص 857)

سائين ان جو مطلب ته اهو ٿيو ته اسان جو روزو رکڻ ضروري نه آهي ڪنهن جي افطاري جي دعوت ڪري به اسان روزي رکڻ کان بچي سگهون ٿا؟ نائين ڪلاس جي سفيان رضا سوال ڪيو.

سيئي استاد مسڪرائڻ لڳا، سر بلال ڳالهائڻ شروع ڪيو: ٻارو! روزي جو ثواب الڳ شيءِ آهي ۽ روزو الڳ شيءِ آهي. روزو اسان تي فرض آهي جيڪو صرف رکڻ سان ئي ادا ٿيندو. منهنجي خيال ۾ ٻارو! هاڻي ته توهان کي خبر پئجي ئي وئي هوندي ته ڪهڙو معزز مهمان اسان وٽ اچڻ وارو آهي؟ سر بلال، سفيان جي سوال جو جواب ڏيڻ کان پوءِ پنهنجي ڳالهه ٻيهر شروع ڪندي پڇيو ته سيني ٻارن پنهنجا ڪنڌ لوڏيندي بلند آواز سان ”جي ها!“ چئي جواب ڏنو.

سر بلال: جي، جي ٻارو! اهو معزز مهمان ماهِ رمضان ئي آهي، جنهن جي استقبال لاءِ **1400** سال اڳ اسان جي پياري نبي صلّى الله عليه واله وسلّم پنهنجن اصحابن کي تيار ڪيو هو ۽ اهو استقبال عبادت لاءِ تيار ٿيڻ هو. ٻارو! رمضان جهڙو معزز مهمان جيڪو اسان وٽ سال کان پوءِ رڳو **29** يا **30** ڏينهن لاءِ ايندو آهي ان جو ته اهڙو ئي استقبال ڪرڻ جو حق آهي جو اسان ان مهيني ۾ سمورا روزا رکڻ، تراويح پڙهڻ، وڌ کان وڌ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ، غريبن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ، دوستن ۽ رشتيدارن ۾ افطاري جي دعوتن ذريعي خوشيون ورهائيندي گذارڻ جو پڪو ارادو ڪريون. توهان کي خبر آهي ته رمضان المبارڪ کي ماهِ قرآن به چيو ويندو آهي؟ چو ته ان ئي مهيني ۾ الله پاڪ قرآن پاڪ نازل فرمايو هو. اميرِ اهلِ سنت دامت برکاتهم العاليه فرمائن ٿا:

تجھ پہ صدقے جاؤں رمضاں! تو عظیم الشان ہے
تجھ میں نازل حق تعالیٰ نے کیا قرآن ہے
(وسائلِ بخشش، ص 705)

معلوم ٿيو ته سيني کان اهم مقصد (Goal) جيڪو هن رمضان ۾ اسان کي حاصل ڪرڻو آهي، اهو هي هجڻ گهرجي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو مڪمل قرآن مجيد لازمي پڙهڻو آهي. پر احتياط سان پڙهڻو آهي ڪٿي وڌيڪ پڙهڻ جي چڪر ۾ غلط نه پڙهي وڃون ۽ ثواب جي بدران گناهه ڪمائي ويهون تنهنڪري جن کي قرآن پاڪ صحيح نموني پڙهڻ اچي ٿو اهي ته مڪمل پڙهڻ جو ارادو ڪن ۽ جن کي صحيح پڙهڻ نه ٿو اچي اهي هي مقصد ٺاهن ته هن رمضان ۾ لازمي ڪنهن سني قاري صاحب کان قرآن مجيد پڙهڻ سکي وٺنداسين. اهڙيءَ طرح رمضان جو منفرد استقبال به ٿيندو ۽ اهو اسان کان خوش به ٿي ويندو.



# ڏيئرن جي لاءِ تعليمي اداري جي چونڊ ڪرڻ

ام سلاء عطاريه

تعليمي ادارو (Educational institution)هڪ اهڙي جاءِ آهي، جتي مختلف عمر جا ماڻهو تعليم حاصل ڪندا آهن. تعليمي ادارن جو مقصد انسان جي ڪردار کي بهتر بڻائڻ، انهن کي اخلاقي قدرن جو پابند بڻائڻ ۽ حياءَ ۽ شرم جي واٽ تي هلائڻ آهي. جيڪي تعليمي ادارا انسان کي علم سيکاريندا آهن، انهن ۾ ديني تعليم ڏيڻ وارن ادارن جو مقام ان لحاظ کان بلند آهي جو اهي اهڙو علم پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن، جڏهن ته دنياوي علمن کي سمجهڻ ان لحاظ کان ضروري ۽ فائديمند آهي جو انهن جي ذريعي انسان دنياوي معاملن کي احسن طريقي سان سرانجام ڏيندو آهي. ديني ادارن جو ڪم جتي علم جي واڌاري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ آهي، اتي علم جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ ۽ شاگردن جي تربيت ڪرڻ به انهن ادارن جي بنيادي ذميداري آهي. جيڪڏهن ڪنهن ديني اداري ۾ قرآن ۽ سنت جي تعليم ته ڏني وڃي، پر شاگردن کي عمل، اخلاص ۽ رياڪاري کان بچڻ جو رستو نه ڏيکاريو وڃي ته سمجهڻ گهرجي ته اهڙو ادارو حقيقت ۾ پنهنجي ذميداري ادا نه ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح اهي تعليمي ادارا، جيڪي انسان کي دنيوي لحاظ کان تعليم ڏيندا آهن، جتي معاشرتي ۽ اقتصادي علمن سان گڏوگڏ سائنسي علمن جي به تعليم ڏني ويندي آهي، انهن ادارن تي به اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته اهي قرآن ۽ سنت جي هن بنيادي تعليم کان پنهنجن شاگردن کي ضرور آگاهه ڪن، جيڪي هڪ مسلمان لاءِ لازمي آهن. جيڪڏهن ڪو انسان ديني ۽ دنياوي تعليم سان آراسته ته هجي، پر علم جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ بدران غلط رستي تي هلي پئي ۽ غرور، تڪبر، رياڪاري ۽ خود پسندي جو شڪار ٿي وڃي ته اهڙي تعليمي اداري کي ڪنهن به طرح مثالي تعليمي ادارو نه ٿو چئي سگهجي. مثالي تعليمي اداري جي ذميواري جتي انسان کي بهترين اخلاق سيکارڻ آهي اُتي شرم ۽ حيا جي ترغيب ڏيڻ ۽ ان سلسلي ۾ شاگردن جي رهنمائي ڪرڻ به ان اداري جي ذميداري آهي. جڏهن اسان شرم ۽ حياءَ بابت قرآن ۽ حديث جي تعليمات جو مطالعو ڪندا آهيون ته اها حقيقت اسان جي سامهون ايندي آهي ته

الله پاڪ کي حياءَ جو وصف تمام گهڻو پسند آهي. اهو سمجهڻ ڪجهه مشڪل نه آهي ته حياء جي ڪيڏي وڏي اهميت آهي پر بدقسمتيءَ سان اسان جي معاشري ۾ هن وقت تعليمي ادارن ۾ تعليم ته ڪنهن حد تائين ڏني پئي وڃي پر تربيت جي معاملي ۾ تمام گهڻيون ڪوتاهيون ٿي رهيون آهن، جن تي توجهه ڏيڻ بي حد ضروري آهي. تعليمي ادارن ۾ غير نصابي سرگرمين جي نالي تي غير اخلاقي سرگرميون ٿي رهيون آهن، ڪٿي موسيقي جي نالي تي، ڪٿي فحش ڊانس پارٽين شاگردن ۽ استادن جي فرق کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ڪٿي هر مهيني موسيقيءَ جي نالي تي لکين رپيا خرچ ڪيا پيا وڃن، ٽيلينٽ ايڪسپو جي نالي تي ناچ گاني جو اهتمام ڪيو پيو وڃي ۽ اسان ان کي ترقيءَ جو نالو ڏئي رهيا آهيون، هاڻي هڪ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اهڙا Concert منعقد ڪرڻ سان ڪنهن معاشي ماهر چيو آهي ته اوهان جو ملڪ ترقي ڪندو؟

هڪ شاگرد جي تعليمي سفر دوران بهترين تعليمي اداري جي چونڊ ڪرڻ نهايت اهم آهي. خاص طور تي جڏهن ڳالهه نياڻيءَ جي تعليم بابت هجي ته والدين کي وڌيڪ حساس ٿيڻو پوندو آهي ڇو ته هڪ نياڻي ايندڙ نسلن جي بهترين تربيت به ايئن ڪندي، جيئن هن پاڻ حاصل ڪئي هوندي. ننڍپڻ هڪ خالي تختي وانگر هوندو آهي، ان تي جيڪو ڪجهه لکيو وڃي اهو نقش ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن شروعاتي عمر ۾ ئي نياڻيءَ جي تربيت جو انتظام ڪيو وڃي ته مستقبل ۾ هوءَ نسلن کي سنواري سگهي ٿي. ياد رکو ته! هر مسلمان عاقل ۽ بالغ مرد ۽ عورت تي پنهنجي موجوده حالت مطابق شرعي مسئلا سکڻ فرضِ عين آهي. اهڙيءَ طرح هر هڪ جي لاءِ حلال ۽ حرام جا مسئلا سکڻ به فرض آهي، مزيد دلي مسئلا (باطني مسئلا) انهن کي حل ڪرڻ جو طريقو، باطني گناهه ۽ انهن جو علاج سکڻ هر مسلمان جو اهم فرض آهي.

مهلڪات يعني هلاڪت ۾ وجهڻ وارين شين بابت ضروري ڄاڻ حاصل ڪرڻ به فرض آهي، ته جيئن انهن گناهن کان بچي سگهجي. (تفصيل لاءِ ڏسو فتاويٰ رضويه، ج 23، ص 623، 624) بدقسمتيءَ سان مسلمانن جو وڏو تعداد انهن فرض علمن کان ناواقف آهي. مروجه اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو نظام فرض ديني علمن کان دور آهي وري اتان جو غيرشرعي ماحول مسلمانن جي نسلن کي سنوارڻ بجاءِ بگاڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جديد ۽ عصري تعليمي ادارن ۾ داخل ٿي شاگرد ۽ شاگرديائيون پنهنجي اسلامي سڃاڻپ وڃائي رهيا آهن. ڇو ته هي عام مشاهدو آهي ته جديد ۽ عصري تعليمي

ادارن ۾ يونيفارم جي نالي تي غيرمسلمن جهڙو لباس پائڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي، جڏهن ته اهڙي يونيفارم کان سواءِ موجوده دنيوي تعليم جو حصول ممڪن ئي نه آهي. اهڙي طرح اسلامي روايتن ۽ تعليمات جي ابتڙ اَلسَّلَامُ عَلَيْکُمْ ڇوڙ بدران هيلو، هاءِ Good Morning, Good Afternoon وغيره چوڻ تعليم يافته هئڻ جي علامت سمجهيو ويندو آهي. جديد ۽ عصري علم ۽ فن جي معروف ادارن ۾ وردي (Uniform) ۽ تهذيب جي نالي تي جيڪا بي حيائي، بي پردگي، عرياني ۽ فحاشي نظر اچي رهي آهي ان ۾ جديد عصري علم ۽ فن جو ڪو قصور نه آهي بلڪه اها ته هڪ حماقت آهي جو مسلمان غيرن جو نقل ڪرڻ ۾ ايترا ته اڳتي نڪري چڪا آهن جو سنتن کي وساري نه صرف غيرن جو فيشن اپنائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن پر غير مسلمن جهڙو لباس پائڻ انهن لاءِ عين سعادت بڻجي ويو آهي جڏهن ته جديد ۽ عصري تعليم سنتن ڀريو اسلامي لباس پائي به حاصل ڪري سگهجي ٿي جيئن اسان جي مسلمان دانشورن ۽ سائنسدانن اسلامي تهذيب ۽ تمدن جي دائري ۾ رهي ڪري مختلف علمن ۽ فن ۾ اهڙا اهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا جيڪي اڄ به جديد ۽ عصري علم ۽ فن جو بنياد سمجهيا ويندا آهن. اڄ جي دور ۾ دنياوي تعليم نه معيوب آهي ۽ نه ئي بري، بلڪه ان کانسواءِ معاشرو يقيناً ڪيترين ئي مشڪلاتن ۾ ڦاسي پوندو. اختلاف طريقيڪار تي آهي ته اسلامي طريقو ڇڏي غيرن جي طريقي کي اختيار ڪرڻ کي لازمي سمجهيو وڃي ۽ ان سان جيڪو فتنو پيدا ٿيندو آهي اهو معاشري ۾ تعليم عام ناهي ڪندو بلڪه بي حيائي عام ڪندو آهي. اسلامي قانون نافذ ڪري به جديد علم سکي ۽ سيکاري سگهجن ٿا ان جي لاءِ غيرن جو نقل ڪرڻ ضروري نه آهي. ان ڪري نياڻين جي تعليم ۽ تربيت لاءِ تعليمي اداري جي چونڊ ڪرڻ وقت والدين کي انهن سڀني معاملن تي غور ڪرڻ گهرجي ته هن تعليمي اداري ۾ ترقيءَ ۽ جدت جي نالي تي فحاشي ۽ عرياني ته عام نه ٿي رهي آهي، تعليمي ادارو پنهنجي ساک (ريپيوٽيشن) جي نالي تي بي حيائي کي هَٿِي ته نه ڏئي رهيو آهي. يونيفارم جي نالي تي بي پردگي کي ته نه پيو وڌايو وڃي؟ اها اسان جي ذميداري آهي.

افسوس! اڄڪلهه ماڻهو ديني معاملن ۾ تمام گهڻي سستيءَ جو شڪار آهن. هن سستيءَ کي چستيءَ ۾ بدلائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي پوري سرگرميءَ سان ڪم ڪري رهي آهي. ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته ڪو اهڙو تعليمي ادارو هجي، جيڪو ديني ۽ دنيوي تعليم جو سهڻو امتزاج مهيا

ڪري، جتي پڙهڻ وارو نہ رڳو باوقار مسلمان بڻجي، پر پيشہ ورانہ تعليم حاصل ڪري، خود ڪفيل بڻجي معاشري ۾ نمايان مقام حاصل ڪري سگهي. اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي فيضانِ نظر سان هڪ نهايت اهم شعبي جو قيام عمل ۾ آيو، جنهن جو نالو دارُالمدينہ آهي. دارُالمدينہ اسلامڪ اسڪول سسٽم جو قيام امت جي معصوم ٻارڙن کي بنيادي ديني تعليم سان گڏوگڏ معياري عصري تعليم فراهم ڪرڻ لاءِ عمل ۾ آندو ويو آهي. هي پنهنجي نوعيت جو واحد اسڪول آهي، جتي Pre-Nursery کان ئي ٻار علماءِ ڪرام جي صحبت ۾ رهندو آهي. دارُالمدينہ جي قيام جو بنيادي مقصد امتِ مصطفیٰ جي نئين نسل کي سنتن جي پيروي ڪندي ديني ۽ دنيوي تعليم سان آراستہ ڪرڻ آهي.

**دارُالمدينہ جو نصاب:** ☆ جديد تعليم ۽ شرعي تقاضن مطابق دارُالافتاء اهلِ سنت جو تصديق ٿيل تعليمي نصاب ☆ بنيادي فرض علوم جو مڪمل ڪورس ☆ مذهبي ۽ اخلاقي تربيت ☆ عربي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ مهارت جا ڪورس ☆ ٽن سالن جو درسِ نظامي ☆ حفظِ قرآن ☆ اسلامي فنانس ☆ معاشرتي علوم ☆ ڪمپيوٽر اسٽڊيز ☆ انفارميشن سيڪيورٽي ☆ تاريخ ☆ جنرل سائنس ☆ فزڪس، بايولاجي، ڪيمسٽري ☆ جسماني نشونما ☆ ماحولياتي تعليم ☆ ميٿس ☆ آرٽس ☆ هوم اڪنامڪس.

اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي خواهش آهي تہ دارُالمدينہ جا استاد صاحبان باعمل مدني علماءَ هجن. اَلحمدُ لِله! دارُالمدينہ ۾ باصلاحيت مدني علماءَ سان گڏ مستند تدريسي عملو مدني علماءَ جي نگرانيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.




# حضرت عڪاشہ بن محصن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

مولانا عدنان احمد عطاري مدني

عربي زبان جي ضربُ المثل آهي ''سَبَقَكَ بِهَا عُكَّاشَةُ'' يعني عڪاشہ توکان اڳتي نڪري ويو. جڏهن ڪو شخص ڪنهن معاملي ۾ ٻين کان اڳتي وڌي وڃي تہ پوئتي رهجي ويل لاءِ هيءَ ضرب المثل چئي ويندي آهي. (الاصابہ، 440/4)

عڪاشہ ڪير هو ۽ هيءَ ضربُ المثل ڪيئن مشهور ٿي؟ اچو تہ ان لاءِ مضمون پڙهون:

حضرت عڪاشہ بن محصن اسدي رضی اللہ عنہ صحابيءِ رسول آهن ۽ سابقين اوّلين ۽ اهلِ صفہ صحابہ مان آهن. (الاصابہ، 440/4 حلیۃ الاولیاء، 15/2)

انهن جو شمار نهايت بهادر، ممتاز ۽ باڪمال فردن ۾ ٿئي ٿو (دلیل الفالحین، 269/1) پاڻ پنهنجي ڀاءُ حضرت ابو سنان رضی اللہ عنہ کان ٻہ سال ننڍا هئا. (طبقات ابن سعد، 71/3) اوهان مشهور صحابيہ حضرت اُمِ قيس مهاجره رضی اللہ عنها جا ڀاءُ هئا. (بخاري، 25/4، حديث: 5715)

**ڪمان ٽيڪ ٿي وئي:** حضرت عُڪاشہ رضی اللہ عنہ کي بارگاهِ رسالت مان ڪيترائي معجزا ڏسڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي. هڪ جنگ دوران رسولِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم تير هلائي رهيا هئا تہ اوچتو ڪمان ڪناري وٽان ٽٽي پئي ۽ ساڳئي وقت ڪناري تي ٻڌل تارَ بہ ٽٽي پئي ۽ رحمتِ عالم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي دستِ اقدس ۾ تار جو هڪ گرانٺ جيترو ننڍڙو ٽڪرو رهجي ويو (جيڪو ڇڪڻ سان بہ ڪمان جي ڪناري تائين نہ پئي پهچي سگهيو) حضرت عُڪاشہ رضی اللہ عنہ دستِ اقدس مان ڪمان ورتي ۽ ڪناري تي ٻڌل تار کي ڇڪي ڪناري سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نہ ٿيا. عرض ڪيائون: يا رسولَ الله! تار ڇڪڻ سان بہ ڪناري تائين نہ پهچي رهي آهي، رسولِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم ارشاد فرمايو: ان کي ڇڪيو! پهچي ويندي. اهو ٻُڌي انهن تار کي جيئن ئي ڇڪيو تہ تار آسانيءَ سان ڇڪجندي وئي ۽ ڪناري تائين پهچي وئي. حضرت عڪاشہ رضی اللہ عنہ ان کي ٻہ يا ٽي وَڪَڙَ ڏئي ڪناري سان ٻڌي ڇڏيو. ان کان پوءِ رسولِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم سندن هٿ مان ڪمان وٺي دشمنن تي تير وسائڻ شروع ڪيا. (مغازي للواقدي، ص 242)

**ٽاري تلوار بڻجي وئي:** سن 2 هجري، رمضان جي مهيني ۾ غزوهٔ بدر ۾ جڏهن سندن تلوار وڙهندي وڙهندي ڀڄي پئي تہ پاڻ رسولِ اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا تہ حضورِ اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم کين هڪ ٽاري عطا ڪئي ۽ فرمايو: اي

عڪاشہ! هن سان وڙهہ! حضرت عڪاشہ رضي الله عنه جڏهن ان ٽاريءَ کي هٿ ۾ ڪٽي گهمايو تہ اها انهن جي هٿ ۾ هڪ ڊگهي، سفيد، چمڪندڙ ۽ مضبوط تلوار بڻجي وئي. پاڻ ان ئي تلوار سان دشمنن جو مقابلو ڪيائون ايستائين جو الله پاڪ مسلمانن کي فتح نصيب فرمائي. (دلائل النبوة للبيهقي، 98/3) اها تلوار مسلسل انهن وٽ رهي پوءِ پاڻ غزوه اُحد، غزوه خندق ۽ بعد ۾ ٿيندڙ سيني غزوات ۾ حصو ورتائون ۽ پنهنجي تلوار جا خوب جوهر ڏيکاريائون. (سيرت حلبيه، 245/2- الاستيعاب، 189/3)

سن **6** هجري، مهينو ربيعُ الاول رسول الله صلّی الله عليه واله وسلّم سندن سربراهيءَ ۾ **40** صحابہ کي بني اسد جي چشمہءِ غُمر ڏانهن موڪليو. اوهان پنهنجي ساٿين سان گڏجي انهن تي حملو ڪيو تہ اهي پنهنجا اُٺ ڇڏي ڀڄي ويا. صحابہ انهن جو پيڇو ڪرڻ چاهيو پر پاڻ انهن کي منع ڪيائون ۽ **200** اُٺ مالِ غنيمت طور ساڻ ڪري مديني واپس پهتا. اوهان ۽ اوهان جي ساٿين مان نہ ڪوئي زخمي ٿيو ۽ نہ ئي اوهان کي ڪنهن فريب يا سازش کي منهن ڏيڻو پيو. (مغازي للواقدي، ص 550- طبقات ابن سعد، 65/2 ملخصاً)

سن 9 هجري، ربيعُ الآخر جي مهيني ۾ بہ نبي ڪريم صلّی الله عليه واله وسلّم کين هڪ جنگ تي روانو ڪيو هو. (نهاية الارب فی فنون الادب، 249/17)

**عڪاشہ بازي کٽي ويو:** هڪ ڀيري رسولِ ڪريم صلّی الله عليه واله وسلّم ارشاد فرمايو: مان حج جي موسم ۾ سيني امتن کي ڏٺو، پنهنجي امت کي ڏٺو تہ انهن ميدانن ۽ جبلن کي گهيري رکيو آهي، مون کي انهن جي ڪثرت خوش ڪري ڇڏيو، مون کان پڇيو ويو: ڇا توهان انهيءَ ڳالهہ تي راضي آهيو؟ مون چيو: ها، مان راضي آهيان. پوءِ چيو ويو: انهن سان گڏ وڌيڪ **70** هزار آهن جيڪي بنا ڪنهن حساب جي جنت ۾ داخل ٿيندا، اهي جڪي جادو ٽوڻو نہ ڪرائيندا آهن، داغ نہ لڳرائيندا آهن، بدشگوني نہ ڪندا آهن ۽ پنهنجي رب تي ڀروسو ڪندا آهن. اهو ٻڌي حضرت عڪاشہ رضي الله عنه اُٿي بيٺا ۽ عرض ڪيائون: الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪيو تہ هو مون کي بہ انهن ۾ شامل ڪري پوءِ رحمتِ عالم صلّی الله عليه واله وسلّم دعا فرمائي: اي الله! هن کي بہ انهن ۾ شامل ڪر. ان کان پوءِ هڪ ٻيو صحابي اٿيو ۽ عرض ڪيائين منهنجي لاءِ بہ دعا ڪيو تہ الله مون کي بہ انهن مان ڪري. حضور صلّی الله عليه واله وسلّم ارشاد فرمايو: ان معاملي ۾ عڪاشہ توهان کان اڳتي نڪري ويا. (مستدرک، 593/5، حديث: 8328) هڪ روايت مطابق هيئن ارشاد فرمايائون تہ سيني کان پهريان جيڪي جنت ۾ داخل ٿيندا، انهن جا چهرا چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪندا هوندا پوءِ اهي داخل ٿيندا جن جا چهرا آسمان تي چمڪندڙ ستارن وانگر هوندا. اهو ٻڌي حضرت عڪاشہ اٿي بيٺا ۽ عرض ڪيائون: الله پاڪ کان دعا ڪيو تہ هو مون کي انهن ۾ شامل ڪري. رحمتِ عالم صلّی الله عليه واله وسلّم دعا فرمائي: اي الله! عڪاشہ کي انهن ۾ شامل ڪر. ڪنهن عرض ڪيو: منهنجي لاءِ بہ دعا ڪريو. ارشاد فرمايائون: عڪاشہ توهان کان گوءِ کٽي ويا.
(مستدرک، 246/4، حديث: 5060)

## عقيده ختم نبوت جي حفاظت ۾ شهادت:

سن **9** هجري ۾ طُلَيحه بن خُوَيلِد اسَدي (اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ) نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي. (الاعلام للزرڪلي، 230/3) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ان جي سَرڪوبي (يعني خاتمي) لاءِ حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه جي سربراهيءَ ۾ هڪ لشڪر روانو ڪيو. حضرت خالد، حضرت عڪاشه ۽ حضرت ثابت بن اقرم رضي الله عنهما کي اڳتي موڪليو ته جيئن طُليحه بابت ڪا خبر آڻين، هي ٻئي صحابه گهوڙن تي سوار ٿي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ طُليحه ۽ سندس ڀاءُ سَلَمه سان ٽڪراءُ ٿي پيو. حضرت عڪاشه طُليحه تي، جڏهن ته حضرت ثابت، سلمه تي حملو ڪيو پر سلمه حضرت ثابت رضي الله عنه کي شهيد ڪري ڇڏيو. حضرت عڪاشه طُليحه کي قتل ڪرڻ وارا ئي هئا ته طُليحه دانهن ڪئي منهنجي مدد ڪريو، هي مون کي قتل ڪري ڇڏيندو! سلمه ڦيرو ڪائي حضرت عڪاشه ڏانهن وڌيو ايسيتائين جو ٻنهي گڏجي حضرت عڪاشه کي گهيري ورتو ۽ شهيد ڪري ڇڏيو، پوءِ ٻنهي جي مبارڪ جسمن کي گهوڙن جي سُنبَن هيٺان لتاڙيو ويو. مسلمانن جو لشڪر جڏهن اتي پهتو ته انهن ٻنهي مقدس صحابه جي لاشن کي ڏسي غمگين ۽ دل برداشته ٿي پيو، بعد ۾ انهن ٻنهي حضرات کي رت هاڻن ڪپڙن ۾ اتي ئي دفن ڪيو ويو. (طبقات ابن سعد، 68/3 - اسد الغابه، 93/3)

هڪ قول مطابق اوهان **12** هجري ۾ نجد جي علائقي ۾ بُزَاخه واري هنڌ مرتدن سان وڙهندي شهيد ٿيا، پر صحيح قول هي آهي ته سندن شهادت **11** هجري ۾ ٿي، طُليحه اسدي ڪين پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي شهيد ڪيو هو. (تاريخ الاسلام للذهبي، 51/3 - اعلام زرڪلي، 244/4)

**طُليحه اسدي جو قبولِ اسلام:** حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه کان شڪست کائڻ بعد طُليحه بن خُوَيلد اسَدي شام هليو ويو ۽ بعد ۾ توبهه ڪري اسلام قبول ڪيائين ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي هٿ تي بيعت ڪيائين. هو ڪيترين ئي اسلامي جنگين ۾ شامل ٿيو، خاص طور تي جنگ قادسيه ۾ پنهنجي جنگي مهارت جا جوهر ڏيکاريائين آخرڪار نهاوند جي جنگ (21 هجري) ۾ شهيد ٿي ويو. (الاعلام للزرڪلي، 230/3 - اسد الغابه، 93/3)

**روايتون:** رسولِ ڪريم صلى الله عليه واله وسلم جي ظاهري وصال وقت حضرت عڪاشه بن محصن جي عمر **44** سال هئي. (الاستيعاب، 189/3)

حضور صلى الله عليه واله وسلم جي عطا ڪيل اها بابرڪت تلوار ورثي طور نسل در نسل اوهان جي اولاد وٽ رهندي آئي. (سيرت حلبيه، 245/2) حضرت ابو هريره ۽ حضرت عبد الله بن عباس رضي الله عنهم ڪائنس حديثون روايت ڪيون آهن (الاستيعاب، 189/3)

# نُورِ الٰهي ملڻ جو مهينو

سرڪار غوثِ اعظم، شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: لفظِ **رمضان** ۾ 5 حرفَ آهن، (1) پهريون حرف: **رَا**، جنهن مان مراد آهي: رِضْوَانُ الله يعني الله پاڪ جي رضا (2) ٻيو حرف آهي: **ميم**، جنهن مان مراد آهي: مَحَابَاةُ اللهِ عَنِ الْعُصَاةِ يعني الله پاڪ جو گنهگارن تي رحمت ۽ مهرباني فرمائڻ. (3) لفظ **رمضان** ۾ ٽيون حرف آهي: **ضَاد**، جنهن مان مراد آهي: ضَمَانُ الله يعني الله پاڪ جي امان. (4) چوٿون لفظ: **اَلِف**، هن مان مراد آهي: اُلْفَةُ الله (الله پاڪ جي محبت) ۽ (5) پنجون حرف **نون**، جنهن مان مراد آهي: نُورُ الله (الله پاڪ جو نور). سو معلوم ٿيو تہ **رمضان المبارڪ** الله پاڪ جي رضا ملڻ جو مهينو آهي، **رمضان المبارڪ** گنهگارن تي رحمت وسڻ جو مهينو آهي، **رمضان المبارڪ** الله پاڪ جي امان ملڻ جو مهينو آهي ۽ **رمضان المبارڪ** الله پاڪ جي محبت نصيب ٿيڻ ۽ نورِ الٰهي حاصل ڪرڻ جو مهينو آهي.

(غُنْيَۃ الطالبين، فصل:رمضان خَمْسَۃَ اَحْرُف، جز:2، صفحہ:15)

ہر گھڑی رَحمت بھری ہے ہر طرف ہیں بر کتیں | ماہِ رَمضاں رَحمتوں اور بر کتوں کی کان ہے
روزہ دارو! جھوم جاؤ کیونکہ دیدارِ خدا | خُلد میں ہو گا تمہیں یہ وعدۂ رحمٰن ہے

978-969-722-770-9
01130294

فیضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net